# سنڌ آرڊيننس نمبر X مجريه 2001
# SINDH ORDINANCE NO.X OF 2001
# سنڌ پرائيويٽ ميڊيڪل ايجوڪيشن انسٽيٽيوشنز (ريگوليشنز اينڊ ڪنٽرول) (ترميم) آرڊيننس، 2001
# THE SINDH PRIVATE MEDICAL EDUCATION INSTITUTIONS (REGULATION AND CONTROL) ORDINANCE, 2001
## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. سنڌ آرڊيننس نمبر V مجريه 2001 جي ڊگهي عنوان جي ترميم
Amendment of long title of Sindh Ordinance no. V of 2001

# سنڌ آرڊيننس نمبر X مجريه 2001
# SINDH ORDINANCE NO.X OF 2001
# سنڌ پرائيويٽ ميڊيڪل ايجوڪيشن انسٽيٽوشنز (ريگوليشنز اينڊ ڪنٽرول) (ترميم) آرڊيننس، 2001
# THE SINDH PRIVATE MEDICAL EDUCATION INSTITUTIONS (REGULATION AND CONTROL) ORDINANCE, 2001

[7 فيبروري 2001]

آرڊيننس جنهن جي ذريعي سنڌ پرائيويٽ ميڊيڪل ايجوڪيشن انسٽيٽوشنز (ريگوليشن ۽ ڪنٽرول) آرڊيننس ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ پرائيويٽ ميڊيڪل ايجوڪيشن انسٽيٽوشنز (ريگولشنز اينڊ ڪنٽرول) آرڊيننس، 2001 ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي؛

جنهن کي هن طرح سان عمل ۾ آندو ويندو.

جيئن ته 14 آڪٽوبر واري اعلان ۽ 14 آڪٽوبر 1999 تي جاري ڪيل پرووزنل ڪانسٽيٽوشن آرڊر نمبر 1 مجريه 1999 جي تحت صوبائي اسيمبلي معطل آهي؛

۽ جيئن ته سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووزنل

ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن ڪي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس ڪي سنڌ پرائيويٽ ميڊيڪل ايجوڪيشن انسٽيٽيوشنز (ريگوليشنز اينڊ ڪنٽرول) ترميم آرڊيننس، 2001 سڏيو ويندو.

(2) هي في الفور نافذ ٿيندو.

سنڌ آرڊيننس نمبر V مجريه 2001 جي ڊگهي عنوان جي ترميم
Amendment of long title of Sindh Ordinance no. V of 2001

2. سنڌ پرائيويٽ ميڊيڪل ايجوڪيشن انسٽيٽوشنز آرڊيننس، 2001 (ريگوليشنز اينڊ ڪنٽرول) آرڊيننس، 2001 ۾ جيئن ڊگهي عنوان جي لفظن "ڪجهه ادارن" جي لفظن جي جاءِ تي "ميڊيڪل جي تعليم ڏيڻ وارا ادارا" لکيو ويندو ۽ ان ڪي هميشه جي لاءِ متبادل سمجهيو ويندو.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي**